# 2022 جي ٻوڏ دوران تباه ٿيل ڪمن جو

# ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جو منصوبو

## ميرو خان وٽ پاٽيءَ جي مورِي آر ڊي 0+600 جي نئين سر تعمير ۽

## ٻيهر بحالي



سنڌ فِلڊ ايمرجينسي رِيهيبيلِيٽيشن پروجيڪٽ ( ايس ايف اِي آر پي)- اڊيشنل فنانسنگ

آبپاشي کاتو، حڪومتِ سنڌ

INFOTECH SOLUTIONS & CONSULTANTS

# ايگزيڪيٽو خلاصو

تجويز ڪيل سنڌ فِلڊ ايمرجنسي رِي- هيبلِيٽيشن پروجيڪٽ (ايس ايف اِي آر پي)- اضافي ماليات جو مقصد ٻوڏ کان بچاءُ واري نظام کي مضبوط بنائڻ، آبپاشي ۽ ساڄي ڪپ واري زمين جي سطح تي پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي ۾ بهتري آڻڻ آهي. انهيءَ کان علاوه، هي منصوبو اوچتي ٻوڏ سبب ايندڙ تباهي کي گهٽائڻ لاءِ ننديا نوان ڊيم/بچاءَ بند ناهڻ وارن ڪمن ۾ بہ شامل آهي. اميد ٿي ڪجي تہ هي منصوبو 12000000 ماڻهن جي آبادي، 1810000 گهرن ۽ 3770000 ايڪڙ پوک کي طوفاني برساتن کان بچائيندو.

هي منصوبو ٽن مکيہ جزن تي مشتمل آهي: بنيادي ڍانچي کي ٻيهر بحال ڪرڻ (جزو 1) قدرتي آفتن جو مقابلو ڪرڻ ۽ فني مدد لاءِ ادارن کي مضبوط بنائڻ آمدني جي ذريعن لاءِ مدد ڏيڻ (جزو 2) ) منصوبي جو انتظام ۽ انهيءَ تي عملدرآمد جو خرچ (جزو 3).

ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جو منصوبو (اِي ايس ايم پي) ماحولياتي ۽ سماجي اثرن ۽ انهن اثرن کي گهٽائڻ لاءِ بنيادي ڍانچي کي ٻيهر بحال ڪرڻ يعني جزي- 1 جي نمائندگي ڪري ٿو. هن جزي ۾ ٻوڏ کان تحفظ لاءِ بچاءَ بندن جي نظام ۽ پاڻيءَ جي نيڪال سرشتي جي مرمت ۽ بحالي شامل آهن. هن دستاويز ۾ انهي اسڪيم تي ڌيان ڏنو ويو آهي جن تي ضلع قمبر- شهدادڪوٽ ۾ عملدرآمد ٿي رهيو آهي، يعني ميرو خان وٽ پاڻيءَ جي موري آر ڊي 0+600 جي نئين سر تعمير ۽ ٻيهر بحالي.

شروعاتي ڇنڊڇاڻ جي طئہ ٿيل معيار موجب، ذيلي منصوبي تي عملدرآمد ٿيڻ سان گهٽ درجي جا ۽ وچٿرا ماحولياتي ۽ سماجي اثرَ پئجي سگهن ٿا. امڪان آهي تہ اهي خدشا عارضي رهندا، انهن جي تلافي ڪري سگهبي ۽ پروجيڪٽ واري ايراضيءَ تي انهن جا اثر ڊگهي عرصي تائين نہ رهندا. ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي هن منصوبي (اِي ايس ايم پي) کي عالمي بئنڪ جي تحفظ ۽ سلامتي واري ٽيم جي صلاحن سان اهڙي طرح تيار ڪيو ويو آهي جو ذيلي پروجيڪٽ ۾ گهٽ نوعيت جي خدشن جو تدارڪ ڪري سگهجي. بحاليءَ ۽ مرمت جا ڪم شيڊيول 2 ۾ سنڌ ماحولياتي تحفظ واري اٿارٽيءَ (اِي پِي اي)، ماحولياتي جانچ پڙتال واري اٿارٽي (آءِ اِي اِي)/ ماحولياتي اثرات جي چڪاس اٿارٽي (اي آءِ اي) جي دائري ۾ اچن ٿا. تنهنڪري، ابتدائي ماحولياتي جانچ پڙتال (آءِ اِي اِي) ڪري رپورٽ تيار ڪئي وئي آهي ۽ اها ’ڪوبہ اعتراض ناهي سرٽفيڪيٽ‘ يا اين او سي وٺڻ واري مرحلي ۾ آهي. اميد ٿي ڪجي تہ ’ڪوبہ اعتراض ناهي‘ سرٽيفڪيٽ يا اين او سي جلد ئي ملي ويندو.

ذيلي پروجيڪٽ علائقي جو ماحولياتي ۽ سماجي بيس لائين، مٿاهين سطح ۽ زير زمين پاڻي جي معيار سان گڏوگڏ آسپاس جي فضا ۽ گوڙ گهمسان جي سطح جي تجزئي سان طئہ ڪيو ويو. ماحولياتي معيار جي چڪاس جي بيس لائين موجب ذيلي پروجيڪٽ جي سيني هنڌن جا جي انگ اکر، سنڌ اينوائرنمينٽل ڪوالٽي اسٽئنڊرڊ جي طئہ ڪيل حدن اندر آهي. بهرحال، پيئڻ جي پاڻي جي تجزئي موجب پروجيڪٽ جي ايراضيءَ اندر، پاڻي ۾ حل ٿيل مختلف ذرڙن (ڊي ٽي ايس) جي مٿاهين سطح نظر آئي آهي. ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضيءَ ۾ مقامي يا خطري ۾ پيل جانورن يا مخصوص نباتات جي ڪنهن بہ قسم ڪي بند ناهي ڪيو ويو. هي علائقا جهنگلي جانورن جي ڪنهن پناهگاهه يا محفوظ قرار ڏنل علائقن جي پرسان ناهن.

ذيلي پروجيڪٽ جي مختلف علائقن مان زميني نمونا وٺڻ جو ڪم(سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري اٿارٽيءَ کان منظور شده) ميسرس ڊَڪام ليبارٽري ڪيو. سنڌ اينوائرنمينٽل ڪوالٽي اسٽئنڊرڊ 2016 (ايس اِي ڪيو ايس) مطابق انهن گڏ ٿيل نمونن جي چڪاس ڪئي وئي.

ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضي، 2 اي واري حصي ۾ اچي ٿي. انهي زمين جي زلزلي جنبش ماپ (پِي جِي اي) 0.16 کان وٺي 0.24 تائين آهي. هتان جو گرمي پد اپريل، مئي ۽ جون جي مهينن ۾ 40 سيلسيس کان ٽپي وڃي ٿو. هن علائقي ۾ برساتن پوڻ جي ساليانی سراسري ماپ 0.30 کان 2.36 انچ آهي.

هن منصوبي جي مقرر ڪيل علائقي ۾ سماجي بيس لائين جوڙڻ لاءِ مختلف ڳوٺن ۽ آبادين ۾ سروي ڪيا ويا ۽ صلاحون ورتيون ويون. ڳوٺن جي چونڊ انهي بنياد تي ڪئي وئي تہ حڪمت عملي جي حوالي سان اهي منصوبي جي اثر نفوذ واري راهداري ڪي ڪيترا ويجها آهن ۽ ذيلي پروجيڪٽ تي انهن جا ڪهڙا سڌا اثر پوندا. ڳوٺن جي نمائندن ۽ ٻين مکيہ شراڪت دارن، هنن قدمن جي حوالي سان سنڌ جي آبپاشي کاتي جي سرگرم ڪردار جي گهٽي تعريف ڪئي. ڳوٺاڻن مطابق، کين اميد آهي تہ تجويز ڪيل سرگرمين تي عملدرآمد سان سندن گهرن جو بچاءَ ٿيندو، روزي روٽي ۽ آمدني جي وسيلن جي حفاظت ٿيندي، لڏپلاڻ جو خطرو گهٽجي ويندو ۽ اهڙي ريت، سندن غربت ۾ گهٽتائي ايندي.

ذيلي پروجيڪٽ جي چنڊڇاڻ، ماحولياتي ۽ سماجي معاملن جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ هڪڙي فهرست وسيلي عمل ۾ آندي وئي. انفرادي فهرستون ڀرڻ لاءِ زميني سروي ڪيو ويو. انهن سروين دوران جيڪي بہ ماحولياتي ۽ سماجي خدشا قلمبند ٿيا، ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي (اي ايس ايم پي) جي تشڪيل دوران تن تي غور ڪيو ويو. بحاليءَ ۽ مرمت جا وڏا ڪم ڪُل ايراضيءَ تائين محدود رهندا. انهي ايراضي اندر عوامي استعمال جي ڪنهن عمارت يا ڪاروباري سرگرمين جو ڪو وجود ناهي ڏٺو ويو. اڻ سڌي طرح ناڪاري اثرن جو ڪاٿو تجويز ڪيل سرگرمين جي وچ واري هنڌ 500 فوٽن تي لڳايو ويو. ذيلي پروجيڪٽ ويجهو قديم آثارن جي ڪا بہ جاءِ، قدرتي ثقافتي وسيلا يا قبرستان نظر نہ آيا جن جو اڏاوتي ڪمن جي نتيجي ۾

متاثر ٿيڻ جو امڪان هجي. اڏاوت واري مرحلي ۾ سماجي طور حساس جايون جهڙوڪ: مسجدون، اسڪول، بنيادي صحت مرڪز ۽ قبرستان وغيره اڻ سڌي طرح متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي پر اهي اثر عارضي هوندا ۽ (نقصان گهٽائيندڙ تدبيرون اختيار ڪرڻ سان) انهن جي تلافي ٿي سگهي ٿي.

اڏاوتي ڪمن ۾ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ، ڪنهن بہ مذڪوره وڻ ڪي هٽائڻ جي ضرورت ناهي. انهن مان ڪوبہ وڻ، آءِ يو سي اين جي انهي فهرست ۾ ناهي جن ڪي ختم ٿيڻ جو خطرو هجي.
تعميراتي ڪمن ڪي سولو بنائڻ لاءِ، اڏاوتي ڪم شروع ٿيڻ کان اڳ وڻن جي سامان جي تفصيل يا انوينٽري تيار ڪئي ويندي جنهن جو ذميوار اڏاوتي ڪمن جو ٺيڪيدار هوندو. زميني سروي دوران ذيلي پروجيڪٽ واري علائقي ۾ ڪي بہ تحفظ ڏنل ٻيلا يا ڪنهن مخصوص نباتات يا جانورن جو ڪوبہ خطري ۾ پيل قسم نہ ڏٺو ويو.

اڏاوتي ڪم ڪندڙ مزدورن جي پيشي سان لاڳاپيل صحت ۽ حفاظت ڪي يقيني بنائڻ لاءِ هڪ جامع طريقي ڪار تيار ڪيو ويو آهي. انهيءَ ۾ بيمارين ۽ حادثن کان بچڻ لاءِ مستقل چڪاس، مزدورن ۽ ڳوناٺن ڪي صحت-صفائي جي ڄاڻ ڏيڻ، صفائي سترائي لاءِ قدم کڻڻ، هنگامي بنيادن تي ترت سهائتا جي طريقن تي عمل ڪرڻ، صفائي جون گهربل سهولتون ڏيڻ، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن لاءِ گند جي ڊبن جي فراهمي شامل آهن. هي سمورا ڪم سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِي-هيبيليٽيشن پروجيڪٽ ( ايس ايف اِي آر پي) لاءِ خاص طور تيار ڪيل ليبر مئنجمنٽ پراسيجر مطابق ۽ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي انهي پروسيجر سان ڳنڍيل آهن.

سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِي- هيبيليٽيشن پروجيڪٽ ( ايس ايف اِي آر پي) توڙي موجوده ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي (اِي ايس ايم پي) تي عملدرآمد لاءِ، عملدرآمد وارو شعبو يا پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (پي آءِ يو) سنڌ جو آبپاشي کاتو ذميوار هوندو جنهن جو سربراه پراجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (پِي آءِ يُو) ڪنسٽرڪشن سپروِيئن ڪنسلٽنٽ (سِي ايس سِي) جون خدمتون بہ حاصل ڪيون آهن جيڪو اڏاوتي ڪمن جي نگرانيءَ لاءِ ذميوار هوندو. انهي کان علاوه، اڏاوتي ڪمن جو ٺيڪيدار، نقصان ڪي گهٽ ڪرڻ وارا قدم سرانجام ڏيڻ ۽ موجوده اي ايس ايم پي ۾ واضح ڪيل ٻين ضرورتن جي پورائي لاءِ ماحولياتي، سماجي، صحت ۽ تحفظ جو/ ليبر آفيسر مقرر ڪندو.

ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي ( اي ايس ايم پي) تي عملدرآمد لاءِ -/2961000 رپين جي ڊالر بجيٽ رکي وئي آهي.